
# ساداتِ ڪِرام جون فضيلتون

14 Dec, 2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ساداتِ ڪِرام جون فضيلتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري** (يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جيڪو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهندوآهي ان جو دُرُود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار (يعني بخشش جي دُعا) ڪندو آهيان ۽ ان ڪان عِلاوه ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط، من اسمه احمد، ۱/۴۴۶، رقم: ۱۶۴۲)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفُور بخش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش، ص۲۶۶)

**مختصر وضاحت**: اي منهنجا شفيق آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان اعتراف ڪريون ٿا تہ اسان جا گناهہ گهڻا وڏيڪ آهن پر اوهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ گهڻا وڏيڪ درگزر ڪرڻ وارا آهيو۽ بخشش فرمائڻ وارا آهيو تنهنڪري اسان جي جرمن ۽ خطائن ڪي بہ بخشي ڇڏيو الله پاڪ اوهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين درود ۽سلام نازل فرمائي .

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل**:(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيد سڳورن جي خِدمت جو اِنعام

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "عُيون الحڪايات (حِصّہ اوّل)" صَفحو 197 تي آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُو عَبدُالله وَاقِدِي قاضِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري عِيد جي مَوقعي تي اسان وٽ خَرچ پکي جي لاءِ ڪجهہ بہ رَقم نہ هئي، گهٽي تنگ دَستي (غُربت) جا ڏينهن هئا، انهن ڏينهن ۾ يحييٰ بن خالِد بَرمَڪي حاڪم هو، عِيد اچڻ واري هئي، اسان وٽ ڪجهہ بہ نہ هو، منهنجي هڪ ٻانهي مون وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي: عِيد بلڪل ويجهو آهي ۽ گهر ۾ ڪجهہ بہ خَرچ نہ آهي، اوهان ڪا ترڪيب ڪريو تہ جيئن گهر وارا عِيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي سگهن. ان ڪري مان پنهنجي هڪ واپاري دوست وٽ ويس ۽ ان جي اڳيان پنهنجو سڄو احوال بَيان ڪيو. ان

هڪدم مون کي هڪ مُهر بند (مُهر لڳائي بند ڪيل) ڳوٿري ڏني، جنهن ۾ ٻارهن سو (1200) دِرهم هئا، مان انهن کي کڻي گهر موٽيس ۽ گهر وارن جي حوالي ڪري ڇڏي، گهر وارن کي ڪجهه تَسَلّي ٿي ته هاڻي عِيد سني گذرندي، اڃان اسان ان ڳوٿري کي کوليو به نه هو جو منهنجو هڪ دوست جنهن جو تَعَلُّق سادات (سيدن) جي گهراڻي مان هو، ان اچي مون کي چيائين ته اسان جا حالات گهڻا خراب آهن ۽ عِيد به ويجهو آهي، گهر ۾ خَرچ وغيره بلڪل ناهي، جيڪڏهن ٿي سگهي ته مون کي ڪجهه رَقم قَرض ڏيو! مون پنهنجي گهرواريءَ کي چيو: اسان اڌ رَقم هن سَيد سڳوري کي قَرض ۾ باقِي اڌ پنهنجي خَرچ لاءِ رکون ٿا. هي ٻڌي منهنجي گهرواريءَ چيائين: جڏهن اوهان پنهنجي واپاري دوست وٽ پنهنجي حاجَت مَندي جو سُوال ڪڻي ويا ته ان اوهان کي ٻارهن سو (1200) دِرهم جي ڳوٿري عطا ڪئي هئي ۽ هاڻي جڏهن ته اوهان وٽ ٻنهي جهانن جي مُختار، سَيدِ اَبرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَولاد مان هڪ شهزادو پنهنجي حاجَت کڻي آيو آهي ته اوهان ان کي اڌ رَقم ڏيڻ چاهيو ٿا؟ ڇا اوهان جو عشق هن ڳالهه کي پسند ڪري ٿو؟ وڃ! هي سڀي رَقم ان سَيد سڳوري جي قَدمن تي قربان ڪري ڇڏ!، گهرواريءَ جي اها مَحَبَّت ڀري گفتگو ٻڌي مون اها سڀي رَقم پنهنجي دوست کي ڏئي ڇڏي، هو دعائون ڏيندي هليو ويو. سَيد سڳورو جيئن ئي پنهنجي گهر پهتو ته ان وٽ منهجو اهو واپاري دوست آيو ۽ ان کي چيائين: اڄڪلهه منهنجو هٿ تنگ آهي، مون کي ڪجهه رَقم اُڌار ڏئي. هي ٻڌي ان سَيد زادي اها رَقم جي ڳوٿري منهنجي

ان واپاري دوست کي ڏئي ڇڏي. جڏهن منهنجي ان واپاري دوست اها ڳوٺڙي ڏني تہ هڪدم سجاڻي ورتي ۽ مون وٽ اچي پڇڻ لڳو: جيڪا رَقم توهان مون کان وٺي آيا هئا، اها ڪٿي آهي؟ مون ان کي سمورو واقعو ٻڌايو تہ هو چوڻ لڳو: اِتِّفاق سان اهو ئي سَيد سڳورو منهنجو بہ دوست آهي، مون وٽ صِرْف اهي ئي ٻارهن سو(1200) دِرهم هئا جيڪي مون اوهان کي ڏنا، اوهان ان سَيدزادي کي ڏنا ۽ ان مون کي ڏئي ڇڏيا، اهڙي طرح اسان مان هر هڪ پنهنجي پاڻ تي ٻئي کي ترجيح ڏني ۽ ٻي جي خُوشي جي خاطِر پنهنجي خُوشي قُربان ڪئي. اسان جي هن واقِعي جي خَبَر ڪنهن طرح حاڪمِ وَقت يحيیٰ بن خالِد بَر مَڪي وٽ پهتي، ان هڪدم پنهنجو قاصِد موڪليو جنهن مون وٽ اچي ان جو پيغام ڏنو تہ مان پنهنجي ڪجهہ مَصروفيتن سبب اوهان جي باري ۾ غافِل رهيس مون کي اوهان جي حالتن جي باري ۾ خبر نہ پئجي سگهي، هاڻي مان پنهنجي غُلام جي هٿان ڏهہ هزار(10000) دِينار (سون جا سڪا) موڪلي رهيو آهيان، ان مان بہ هزار(2000) اوهان جي لاءِ بہ هزار (2000) اوهان جي واپاري دوست جي لاءِ ۽ بہ هزار(2000) ان سَيد سڳوري جي لاءِ باقي چار هزار(4000) دِينار توهان جي عظيم ۽ سعادت مند زال جي لاءِ آهن ڇوتہ هوءَ توهان سيني کان وڌيڪ اَفضل ۽ عشقِ رسول جي پيڪر آهي (عيون الحکايات،۱۹۷/۱ملخصاً)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچّہ بچّہ نُور کا تو ہے عَیْنِ نُور تیرا سب گھرانا نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص۲۴۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسان جي بُزرگانِ دِين رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھِم اَجمَعِین جي سينن ۾ سيد سڳورن سان همدَردِي ۽ خَير خَواهي جو جَذبو ڪيتري قَدَر گهڻو هو، جو عِيدِ سعيد جي مَوقعي تي به حاجَت مَند سيد سڳورن کي نه وساريندا هئا، پنهنجي ذات جي لاءِ ته تنگ دَستي به خوشي خوشي برداشت ڪندا هئا پر قُربان وڃجي جو رِضاءِ اِلٰهي ۽ مُصطَفٰي ڪريم جي خوشيءَ کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ، سمورن سيدن جي سردار، سڄي ڪائنات جي سالار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان نِسبَت ۽ شَرَافَت حاصِل ٿيڻ سبب سيد سڳورن کي خالي هٿين نه موٽائيندا هئا، ايستائين جو پنهنجون خوشيون ۽ پنهنجي حِصّي جي رَقم به انهن جي قَدمن تي فِدا ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رَسُول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪرم نوازِين جا حَقدار ٿيندا هئا، تنهنڪري اسان کي به کپي ته اسان به هنن اللّٰہ وارن جي پَيرَوِي ڪندي پنهنجي دِل ۾ سيد سڳورن جي مَحَبَّت ۽ اُلفت کي پيدا ڪريون، انهن جي شان ۽ عظمت کي سڃاڻيون، انهن جو سهارو بڻجون ۽ حاجت مند سيد سڳورن جي خَير خَواهي کي پنهنجي زِندگي جو لازِمي حِصّو بڻايون.

بَيان ڪيل حِڪايت مان اسان کي هڪ مَدَني گل اهو به مليو ته جيڪي ماڻهو سيد چورائن ٿا، اسان کي انهن کان سَيد هئڻ جو ثُبوت گهرڻ بدران انهن کي سَيد تسليم ڪري دِل ۽ جان سان انهن جي تعظيم ۽ حَيثِيت مطابق انهن جي خِدمت ڪرڻ گهرجي، جيئن ته

## سَيد هئڻ جو ثُبوت گُهرڻ ڪيئن؟

اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَولانا ابُو بِلال محمّد اِلياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کان سُوال ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن جي سَيد هئڻ جو ثُبوت نہ هجي تہ ڇا ان جي بہ تعظيم ڪئي ويندي؟ پاڻ اِرشاد فرمايائون: تعظيم جي لاءِ نہ يقين دَرڪار آهي ۽ نہ ئي ڪنهن خاص سَنَد جي حاجَت، ان ڪري جيڪي ماڻهو سيد سڏرائن ٿا، انهن جي تعظيم ڪرڻ گهرجي، انهن جي حَسَب ۽ نَسَب جي تحقيق ۾ پوڻ جي حاجت نہ آهي ۽ نہ ئي اسان کي ان جو حڪم ڏنو ويو آهي. اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنّت مَولانا شاهہ اَحمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيۡه کان ساداتِ ڪرام کان سَيد هئڻ جي سَنَد طَلَب ڪرڻ ۽ نہ ملڻ تي بُرو ڀلو چوڻ واري شخص جي باري ۾ سوال ٿيو تہ پاڻ جواب ۾ اِرشاد فرمايائون: فقير ڪيئي ڀيرا فتويٰ ڏئي چڪو آهي تہ ڪنهن کي سَيد سمجهڻ ۽ ان جي تعظيم ڪرڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجي ذاتي عِلم سان ان کي سَيد ڄاڻڻ ضروري نہ آهي، جيڪي ماڻهو سَيد چورايا وڃن ٿا، اسان انهن جي تعظيم ڪنداسين، اسان کي تحقيقات (Investigation) جي حاجت نہ آهي، نہ سيد جي سَنَد گُهرڻ جو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ (زبردستي) سَنَد ڏيکارڻ تي مَجبور ڪرڻ ۽ نہ ڏيکارين تہ بُرو چوڻ، مَطعُون (بدنام) ڪرڻ هرگز جائز نہ آهي. اَلنَّاسُ اُمَنَاءُ عَلٰى اَنۡسَابِهِم (ماڻهو پنهنجي نَسَب تي اَمين آهن). ها! جنهن جي نِسۡبت اسان کي خُوب تحقيق سان مَعلوم هجي تہ هي سَيد نہ آهي ۽ اهو سَيد بڻجي (تہ) ان جي اسان تعظيم نہ ڪنداسين، نہ ان کي سَيد چونداسين ۽ مُناسِب ٿيندو تہ ناواقفن کي ان جي فَريب (ذوکي) کان باخبر

**ڪيو وڃي.**(فتاوئ رضويه،/بتغير) (ساداتِ کرام کی عظمت،ص۱۵-۱۴)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسُنّت مَولانا شاهه اَحمد رضا خان** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه **جي اِرشادِ گِرامي ۾ انهن نادانن جي لاءِ عِبرت جا مَدَني گل مَوجود آهن جو جن جو سيد سڳورن جي تعظيم ۽ تَوقير ۽ اَدب ڪرڻ يا انهن جي حاجَت رَوائي ڪرڻ جو ان وَقت تائين ذِهن ئي نٿو ٺهي ته جيستائين سيد سڳورا پنهنجي نَسَب** (Lineage) **تي ڪو گواهه پيش نه ڪري ڇڏين يا سَنَد نه ڏيکارين. اهڙن کي ڏِڄڻ گهرجي ته انهن جي هن بُري عادت جي سبب جيڪڏهن ناناءِ حَسَنَين، تاجدارِ حَرَمَين**صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ناراض ٿي ويا ۽ قِيامت جي ڏينهن ان کان ان جي مسلمان هئڻ جو ثُبوت طَلب ڪيائون ته ياد رکو! ان وَقْت سَخت شَرمساري ٿي سگهي ٿي. اچو! ان باري ۾ عِبرت ۽ نصيحت ڀرين مَدَني گلن سان مُزَين هڪ فِڪر اَنگيز حِڪايت ٻڌون ٿا جيئن ته،**

## عظيمُ الشّان جنتي محل

**دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "مُڪاشَفَة الْقُلُوْب" صَفحي نمبر** 471 **تا** 472 **تي آهي: سيدن جي خوشحال گهرانن مان هڪ گهر ۾ سَيد سڳوريون رهنديون هيون، خُدا** (عَزَّوَجَلَّ) **جو ڪرڻ اهڙو ٿيو جو انهن جو پيءُ فوت ٿي ويو، اهي ننڍڙيون يتيم ۽ محتاجي ۽ مفلسي جو شِڪار ٿي ويون، ايستائين جو اُنهن شَرم وچان پنهنجو وطن ڇڏي ڏنو، وَطن مان نڪري ڪنهن شهر** (City) **جي وِيران مسجد ۾ ترسي پيون، انهن جي ماءُ انهن کي اتي ويهاريو، ۽ پاڻ کاڌو وٺڻ جي لاءِ ٻاهر نڪري ويون، پوءِ اهي**

شهر جي هڪ امير شخص وٽ پهتيون جيڪو مسلمان هو، ان هن کي پنهنجي سڄي گذريل حالت ٻُڌائي پر ان نہ مڃيو ۽ چيائين: تون اهڙا شاهد آڻ جيڪي تنهنجي بيان جي تَصديق ڪن تڏهن مان تنهنجي جي اِمداد ڪندس، اها عَورت اهو چئي اتان هلي پئي تہ مان غَرِيبُ الوَطَن (بي وَطَن) آهيان، گواهہ ڪٿان آڻيان؟ پوءِ هوءَ هڪ غيرمسلم وٽ وئي ۽ ان کي پنهنجي ڪهاڻي ٻُڌائي، پوءِ ان انهن جي ڳالهين کي صحيح سمجهي پنهنجي ڪنهن هڪ عَورت کي موڪليو تہ ان کي ۽ انهن جي نياڻين کي منهنجي گهر پهچايو، ان شخص انهن جي عزّت ۽ اِحتِرام ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي. جڏهن اڌ رات گذري وئي تہ ان مسلمان امير خواب ۾ ڏٺو تہ قِيامت قائم ٿي وئي آهي ۽ نَبِي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مٿي مُبارَڪ تي حَمد جو جهنڊو ٻڌو آهي ۽ هڪ عظيمُ الشّان مَحل وٽ بيٺا آهن، ان امير اڳتي وڌي پڇيائين: يارَسُولَ اللّٰه(صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! هي مَحل ڪنهن جو آهي؟ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: هڪ مسلمان مَرْد جي لاءِ آهي، امير چيائين: مان خدا عَزَّوَجَلَّ کي هڪ مڃڻ وارو مُسلمان آهيان، حُضور، سراپا نُورصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي ٻڌي فرمايائون: توهان هن ڳالهہ جا گواهہ آڻيو تہ واقعي توهان مُسلمان آهيو. هو گهڻو پريشان ٿيو تہ حُضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ان سَيده عَوْرت جي ڳالهہ ياد ڏياري جنهن کان ان گواهہ گهريا هئا. هي ٻڌندي ئي ان کي غمن اچي وڪوڙيو، هو ان سَيده عَورت ۽ انهن جي ننڍڙين جي ڳولها ۾ نڪتو، ڳولهيندي ڳولهيندي ان غيرمسلم جي گهر وڃي پهتو ۽ ان کي چيائين تہ سَيدزادي ۽ ان جي ٻارڙين کي مون کي ڏيو پر ان اِنڪار

ڪري ڇڏيائين ۽ چيائين: مون انهن جي سبب عظيم بَرَڪتون ماڻيون آهن، امير چيائين: مون ڪان هزار(1000)دِينار(يعني سون جا سڪا) وٺي وٺو ۽ انهن ڪي منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو پر پوءِ بہ اِنڪار ڪيائين. تڏهن ان امير جي دل ۾ ان ڪي (يعني سَيد سڳوريءَ کي) تنگ ڪرڻ جو خيال آيو. هو غير مسلم ان جي بُري نِيت ڏسي چيائين: جنهن ڪي توهان وٽڻ آيا آهيو، مان ان جو توهان ڪان وڌيڪ حقدار آهيان ۽ تو خواب ۾ جيڪو محلّ ڏٺو آهي اهو منهنجي لاءِ بڻايو ويو آهي، ڇا توکي پنهنجي مسلمان هئڻ تي فَخر آهي؟خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان ۽ منهنجي گهروارا ان وَقت تائين نہ سُتا سين جيستائين جو اسان سيئي ان سَيد سڳوريءَ جي هٿ تي اِسلام نہ قبول ڪيو، مان بہ تون وانگر خواب ۾ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِيارَت ڪئي آهي ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايائون: ڇا سَيدزادي ۽ ان جون نياڻيون تون وٽ آهن؟ مون عَرْض ڪيو: جي ها! يارَسُولَ الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: هي محلّ تو ۽ تنهنجي گهروارن جي لاءِ آهي. مسلمان امير اها ڳالهہ ٻڌندي ئي واپَس موٽي ويو ۽ الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو تہ هو ڪيتري مايوسي وچان واپَس موٽيو هوندو.(مكاشفة القلوب،ص۴۷۱-۴۷۲ ملخصاً)

مرے سب عزیز چھوٹیں مرے دوست بھی گو رُوٹھیں — شہا تُم نہ رُوٹھ جانا مَدَنی مدینے والے
میں اگرچِہ ہوں کمینہ ترا ہوں شہِ مدینہ — مجھے قدموں سے لگانا مَدَنی مدینے والے
تیری جبکہ دِید ہو گی جبھی میری عید ہوگی — میری خواب میں تو آنا مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۴۲۴)

## رِسالو”ساداتِ ڪرام جي عظمت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ ساداتِ ڪرام جي ڏُک دَرد کي مَحسوس ڪرڻ ۽ انهن جي خِدمت ڪرڻ ڪهڙو مُبارَڪ عمل آهي جو اَولادِ رَسُول جي خِدمت جي بَرَڪت سان اللّٰه تعاليٰ هڪ غير مسلِم کي نہ صِرف دَوْلتِ اِيمان بلڪ جنّتي مَحلّ ڪان بہ سَرفَراز فرمايو، ٿورو سوچيو تہ جڏهن غير مُسلِم سيدن جي تعظيمِ ۽ انهن جي خيرخواهي جي ڪري نُورِ اِسلام مان فَيض ياب ٿي جنّتي مَحلّ جو حَقدار ٿي رهيا آهن تہ جيڪو مُسَلمان انهن سان حُسنِ سُلوڪ سان پيش ايندو ۽ خُوش دِلي سان انهن جي حاجت رَوائي جي سَعادت(Felicity) ماڻيندو تہ ان خوش نصيب کي ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ ڪهڙن ڪهڙن اِنعام ۽ اِڪرام سان نوازيندو- تنهنڪري اسَان کي ڪپي تہ اسان بہ ساداتِ ڪرام جي اَهمّيت ۽ فضيلت کي سمجهون ۽ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي سان وابستہ رهي ڪري مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جي مطالعي جي عادت بڻايو الحمد للّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيندڙ ڪتابن ۽ رسالن جي مطالعي جي برڪت سان گهڻو علم دين حاصل ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي خاص طور تي امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جا لکيل مختلف موضوعن تي رسالا نهايت آسان انداز ۾ ۽ نهايت گهٽ صفحن تي مشتمل هجڻ جي باوجود پڙهڻ واري کي گهڻي قيمتي معلومات سان مالا مال ڪندا آهن جي ها انهن رسالن مان هڪ رسالو”پراسرارخزانہ“بہ آهي

## رسالي ”پراسرارخزانہ“ جو تعارف:

هن رسالي ۾ يتيمن جي ديوار جوايمان افروز واقعو بيان ڪيو ويو آهي،7عبرت ناڪ عبارتون ڪهڙيون هيون،موت جو يقين هجڻ جي باوجود کلڻ ڪيئن؟جهنم جون خطرناڪ غذائون ڪهڙيون هونديون، عمده مڪان وارن جو انجام ڇا ٿيو، وڌيڪ هي تہ ڪائڻ جي 32 مدني گلن جو مهڪندڙ گلدستو بہ هن رسالي ۾ موجود آهي

اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هن رسالي کي هديةً حاصل ڪيو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو- هن رسالي کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اها هڪ روشن حقيقت آهي تہ جنهن سان عشق هوندو آهي ان سان نِسبَت رکندڙ هر شيء مثال طور مَحبوب جو گهر، ان جا در ۽ دِيوار، مَحبوب جو پاڙو گهٽي، ان جي آل،اَولاد وغيره سان بہ عقيدت ۽ مَحبَّت جو تَعَلُّق قائم ٿي ويندو آهي. پوءِ ٿورو سوچيو تہ جيڪو عشقِ نَبِي ۾ گُم هجي اهو رسول اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آل ۽ اَهلِ بَيت رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہِم اَجْمَعِین يعني سيدن سان مَحَبَّت ڇو نہ رکندو جو انهن حضرات سان مَحَبَّت رکڻ جو مُطَالَبو تہ قرآنِ ڪريم بہ اسان کان فرمائي رهيو آهي، جيئن سيپارو 25سُوْرَةُ الشُّوْرٰی جي آيت نمبر23 ۾ اِرشادِ خُداوَندي آهي:

”قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ“ **تَرجَموڪنزالايمان: تون فرماءِ مان ان تي توهان کان ڪو بہ بدلو نہ ٿو گهُران، مگر قَرابَت جي مَحَبّت.** پ٢٥،الشوري:٢٣

بيان ڪيل آيتِ مُبارَڪ جي تفسير ۾ اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسُنّت مَولانا شاهہ اَحمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ ”قُرْبيٰ“ مان مُراد سيد سڳورا ۽ اَهلِ بَيتِ عِظّام (رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين) آهن. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص٥٠١)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ اَهلِ بَيتِ اَطْهار ۽ ساداتِ ڪرام اهي مُقَدّس هستيون آهن جو انهن سان مَحَبَّت رکڻ ۽ انهن سان حُسنِ سُلوڪ ڪرڻ جون فضيلتون ۽ خوبيون اَحاديثِ مُبارَڪ ۾ بہ بيان ٿيون آهن، جيئن تہ

## ساداتِ ڪرام سان حُسنِ سُلُوڪ جي فضيلت

سراپا انوار، تمام نبين جي سالارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جيڪو منهنجي اَهلِ بَيت مان ڪنهن سان بہ سنو سُلوڪ ڪندو، مان قِيامت جي ڏينهن ان جو صِلو (بَدلو) ان کي عطا ڪندس.(جامع صغير، ص٥٣٣، حديث:٨٨٢١) هڪ ٻي هنڌ تي اِرْشاد فرمايائون: جيڪو شخص اَولادِ عَبدُ المُطَّلِب مان ڪنهن سان دُنيا ۾ نيڪي(ڀلائي) ڪري ان جو صِلو ڏيڻ مون تي لازِم آهي جڏهن اهو قِيامت جي ڏينهن مون سان ملندو. (تاريخ بغداد،١٠/ ١٠٢،حديث:٥٢٢١)

ہم کو سارے سَیّدوں سے پیار ہے
اِنْ شَآءَ اللہ اَپنا بیڑا پار ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته آلِ رَسُول (يعني سيدن) سان مَحَبَّت ۽ حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رَسُول، رَسُولِ مَقبول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مَحبوب آهي.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جا بُزرْگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين اهڙا عاشِقِ رَسُول هئا جو جن جي هر هر ادا مان اَدَب ۽ تعظيم جو ظُهور ٿيندو هو، عشقِ رَسُول جِن جو قِيمَتِي سَرمَايو ۽ آلِ رَسُول جي مَحَبَّت انهن جي لاءِ رُوحاني آڪسيجن جي حَيثِيت رکندي هئي، جن جي سڄي زِندگي عشقِ رَسُول جا جام پيئندي پياريندي ۽ آلِ رَسُول جو اَدب ۽ انهن جي خدمت ڪندي گذري. اچو! ترغيب طور بُزرگن جا ڪجهه قابلِ رَشڪ واقِعا ٻڌو ۽ پنهنجو اِيمان تازو ڪريو، جيئن ته

## حَسَنَينِ ڪَرِيمَين جي خُوشي ۾ فاروقِ اعظم جي خُوشي!

حضرت سَيدُنا امام جَعْفَر صادِق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي والِدِ گِرامي حضرت سَيدُنا امام محمد باقِر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان رِوايت ڪن ٿا ته اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت سَيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه وٽ يمَن مان ڪجهه عُمده ڪپڙا آيا ته پاڻ اهي ڪپڙا مُهاجِرين ۽ اَنصار ۾ ورهائي ڇڏيا. ماڻهو اهي ڪپڙا پائي گهڻي خوشي مَحسوس ڪري رهيا هئا، پاڻ مِنبرِ رَسُول ۽ قَبرِ اَنوَر جي وچ ۾ تشريف فرما هئا، ماڻهو سندن خِدمت ۾ حاضِر ٿي پاڻ کي سلام ڪندا ۽ دُعائون ڏيندا هئا. اوچتو سندن اڳيان ڪونين جي شهزاديءَ جي مبارڪ گهر مان حَسَنَينِ ڪَرِيمَين (يعني حضرت سيدنا اِمامِ حسن ۽ حضرت سيدنا اِمامِ حسين) رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما ٻاهر تشريف ڪڍي آيا، سَيدَه فَاطِمَةُ الزَّهرَاء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْها جو گهر مَسجِدِ نَبَوِي جي اڳڻ ۾ ئي هو. ٻنهي شهزادن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما جي بدنن تي انهن عُمده ڪپڙن مان ڪو ڪپڙو نه هو. جيئن ئي پاڻ شهزادن کي ڏٺو ته سندن تيوَر (انداز) تبديل ٿي

ويا، نرڙ تي گهنج پئجي ويا، پاڻ جَلال ۾ اچي اِرشاد فرمايائون: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون توهان ماڻهن کي جيڪي قِيمَتِي ڪپڙا پارايا آهن انهن کي ڏسي مون کي ٿورڙي بہ خُوشي ناهي ٿي. سڀ ماڻهو هي ٻڌي حَيران ۽ پريشان ٿي ويا ۽ عَرْض ڪرڻ لڳا تہ سائين! اهڙي ڇا ڳالھ ٿي جو پاڻ اهو اِرْشاد فرمائي رهيا آهيو؟ جڏهن تہ هي سمورا ڪپڙا اوهان پاڻ ئي عطا ڪيا آهن. اِرْشاد فرمايائون: هي ڳالھ مان هنن ٻنهن شهزادن رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُما جي ڪري چئي رهيو آهيان، جيڪي ماڻهن جي وچ ۾ هن حالت ۾ هلي رهيا آهن جوانهن ٻنهن هنن قِيمَتِي ڪپڙن مان ڪو ڪپڙو بہ پاتو نہ آهي. راوِي چون ٿا تہ پاڻ هڪدم يمن جي حاڪِمِ کي خَط (Letter) لکيو تہ جَلد کان جَلد اِمامِ حَسَن ۽ اِمامِ حُسَين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي لاءِ 2 بهترين ۽ قِيمَتِي لِباس تيار ڪرائي موڪليو. حاڪمِ يمَن هڪدم حڪم جي پيروي ڪندي ۽ 2 لِباس تيار ڪرائي موڪلي ڏنا. پاڻ حَسَنَينِ ڪرِيمَين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کي اهي وڳا پارايا ۽ خوش ٿي اِرْشاد فرمايائون: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيستائين انهن ٻنهن شهزادن رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا نئوان ڪپڙا نہ پاتا هئا مون کي ٻين جي پائڻ جي ڪا خوشي نہ هئي. هڪ رِوايت ۾ هن طرح آهي تہ حَسَنَينِ ڪرِيمَين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کي ڪپڙا پارائي پاڻ اِرْشاد فرمايائون: هاڻي مان خوش آهيان.(تاريخ ابنِ عساکر،۱۴/۱۷۷)

| | |
|---|---|
| کیا بات رَضا اُس چمنستانِ کرم کی | زَہرا ہے کلی جس میں حُسَیۡن اور حَسَن پُھول |

(حدائقِ بخشش،ص۷۹)

## اعليٰ حضرت ۽ تعظيمِ سادات

حياتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي: جناب سيد ايوب علي صاحِب(رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه) جو

بَيان آهي: هڪ ننڍي عُمر وارا صاحِبزاده گهر جي ڪم ڪار ۾ مدد جي لاءِ (اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي) گهر ۾ مُلازِم ٿيا. بعد ۾ معلوم ٿيو ته هي سَيد زادا آهن، تنهنڪري (اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه) گهر وارن کي تاڪيد فرمائي ته صاحِبزادي کان خَبر دار ڪو ڪم نہ ورتو وڃي ڇاڪاڻ ته مَخدُوم زاده آهن (يعني پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا فَرزَندِ اَرجُمَند آهن ان کان خِدمت ناهي وٺڻي بلڪ انهن جي خدمت ڪرڻي آهي تنهنڪري) ڪاڏو وغيره ۽ جنهن شيءِ جي ضَرورت هجي (ان جي خدمت ۾) حاضِر ڪئي وڃي. جيتري پگهار (Salary) جو وَعدو آهي اهو نَذراني طور پيش ٿيندو رهي، پوءِ سندن اِرشاد مُطابِق حڪم جي تعميل ٿيندي رهي. ڪجھ عَرصي بعد اهو صاحِبزادو پاڻ ئي تشريف کڻي ويو. (حياتِ اعليٰ حضرت، ١/١٧٩)

جو ہے اللہ کا وَلِی بے شک عاشِقِ صادِقِ نَبی بے شک
غَوثِ اعظم کا جو ہے مَتوَالا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

## اميرِ اهلسُنّت ۽ تعظيمِ سادات

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جو رِسالو "ساداتِ ڪرام جي عظمت" صَفحي 3 تا 5 تي آهي: عَرَب اَمارات ۾ قِيام دَوران بعض ٽيسٽ (Test) ڪرائڻ جي لاءِ اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هڪ صاحِب جي ذريعي سان دوبئي جي هڪ اَسپتال جي ليبارٽري ۾ تشريف کڻي ويا، پنهنجي پيشاب جي شيشي(Urine bottle) اُن صاحِب جي زور ڀرڻ باوُجُود اُنهن کي کڻڻ جي لاءِ نہ ڏني. بعد ۾ سندن خِدمت ۾ عَرض ڪيو ويو ته اوهان ان صاحِب کي پنهنجي (پيشاب جي بوتل) (Urine bottle) نہ ڏني، ان ۾ ڪهڙي حِڪمت هئي؟ جواب ۾ اِرشاد فرمايائون: هو سَيد سڳورو هو مان ان کي پنهنجي پيشاب جي بوتل کيئن ڏيان هان؟ جيڪڏهن قِيامت جي ڏينهن سَيد سڳوري جو جَدِّ

اَعليٰ، اسان جو پيارو آقا، مکي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته اِلياس! ڇا تنهنجو پيشاب ڪٽڻ جي لاءِ منهنجو پٽ ئي رهجي ويو هو؟ ته ان وَقت مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سيد سڳورن جي نِسبَت ۽ انهن جي مَحَبَّت جي ڪري سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪهڙو اُمَّتي ۽ ساداتِ ڪرام جو خادِم ائين ڪرڻ پسند ڪندو؟ ساداتِ ڪرام سان عقيدت ۽ مَحَبَّت رکڻ ۽ انهن جو ادب ۽ اِحتِرام ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سيد سڳورن سان بي پناه مَحَبَّت ڪن ٿا ۽ انهن جي تعظيم ۽ عزت ڪرڻ ۾ گهڻو اڳتي رهندا آهن. مُلاقات دوران جيڪڏهن اوهان کي ٻڌايو وڃي ته هي سيد سڳورا آهن ته ڪيئي ڀيرا ڏٺو ويو آهي ته پاڻ تمام وڏي شخصيت هئڻ جي باوُجُود نِهايت ئي عا جِزي سان سَيد زادي جو هٿ چُمي وٺندا آهن. ساداتِ ڪرام جي ٻارن سان اِنتها ئي مَحَبَّت ۽ شَفْقَت ڪرڻ به سندن خاص عادت سڳوري آهي. ڪيئي ڀيرا ائين به ٿيو آهي ته انهن جي ننڍڙن قَدَمن کي پنهنجي مٿي تي رکندا آهن. پاڻ هن ڳالهه کي اَدَب جي خلاف سمجهندا آهن ته سَيد سڳورن ڏانهن پير ڪيا وڃن يا انهن ڏانهن پٺ ڪئي وڃي.

اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي جي ساداتِ ڪرام سان نرالي عقيدت ۽ محبت جي جهلڪ سندن مجموعه ڪلام "وسائلِ بخشش" ۾ به نظر اچي ٿي، جيئن ته لکن ٿا:

کاش ہوتا میں سگ سیّدوں کا بن کے دربان پہرا بھی دیتا
ربّ نے بھیجا ہے اِنساں بنا کر، تُو سلام اُن سے رورو کے کہنا

مختصر وضاحت: اي ڪاش مان سيدزادن جي در جو ڪتو هجان ها ۽ چوڪيدار بڻجي انهن جي گهرن جي حفاظت ڪرڻ جي سعادت ماڻيان ها پر

رب ڪريم مون کي انسان بڻائي موڪليو آهي، اي مديني وجهڻ وارا تون بارگاهہ رسالت ۾ منهنجو سلام روئي ڪري پيش ڪجان

ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ڪنهن سَيد زادي کي ڏسي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو هي شِعر جُهومي جُهومي پڙهڻ لڳندا آهن :

تیری نَسْل پاک میں ہے بچّہ بچّہ نُور کا　　تُو ہے عَیْنِ نُور تیرا سب گھرانا نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص۲۴۶)(ساداتِ کرام کی عظمت،ص۳ تا۵ملتقطاًبتغير قليل)

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "هفتيوار سُنَّتن پريو اِجتِماع"

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ! ٻڌو اوهان تہ سيد سڳورن جو اَدب ۽ انهن جي تعظيم ۽ تَوقِير جي مُعَامَلي ۾ اللّٰه وارن جو ڪردار ڪيتري قدر شاندار هوندو آهي تہ انهن کي پنهنجي خوشي کان وڌيڪ آلِ رَسُول جي خوشي عزيز هوندي آهي، تنهنڪري اسان کي بہ ڪپي تہ اسان بہ سيد سڳورن جي غُلامي جو پَٽو پنهنجي ڳِچي ۾ وجهي انهن جي خدمت گذاري کي پنهنجو شِعار بڻايون، انهن جو گهڻو اَدب ۽ اِحترام ڪريون، انهن جي خوشي کي پنهنجي خوشي ۽ انهن جي غم کي پنهنجو غم سمجهون ۽ ان مَدَني سوچ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهندي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺڻ وارا بڻجي وڃون. 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم "هفتَيوار سُنَّتن پريو اِجتِماع" بہ آهي.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتَيوار سُنَّتن پري اِجتِماع ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان ساداتِ ڪرام جو اَدَب نصيب ٿيندو آهي، هفتَيوار سُنَّتن پري اِجتِماع جي بَرَڪت سان علمِ دِين سکڻ جي سعادت ملندي آهي، هفتَيوار سُنَّتن پري اِجتِماع ۾ دُعائون قَبُول ٿين ٿيون، هفتَيوار سُنَّتن پري اِجتِماع

۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جو ذِڪرِ خَير ٿيندو آهي. حضرت سَيِدُنا سُفيان بِن عُيينہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِينَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ يعني نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وَقت رَحمتِ اِلٰهي نازل ٿيندي آهي.(حلية الاولياء، سفيان بن عيينه،٧ / ٣٣٥ ، رقم: ١٠٧٥٠)

اچو! تَرغِيب طور هفتَيوار سُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ حاضِري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ اِجْتِماع ۾ پابندي سان حاضِر ٿيڻ جي نِيت ڪري وٺو:

## مَسخري جي تَوبہ

مَرڪزُ الاَولِيا لاهور جو هڪ اِسلامي ڀاءُ گُناهن ۽ غَفلتن جي وادِين ۾ گُم هو. هڪ اِسلامي ڀاءُ اُن ڪي دعوتِ اِسلامي جي هفتَيوار سُنَّتن ڀري اِجتِماع جي دَعوَت پيش ڪئي. هو ان جي دَعْوَت تي اِجتِماع ۾ پهچي ويو، ان ڪي گهڻوسنولڳو، تنهنڪري ان پابندي سان وڃڻ شُرُوع ڪري ڇڏيو، نَمازن جي پابندي بہ شُروع ڪري ڇڏي ۽ عِمامو شريف بہ سَجائي ورتو، گهر جي ڪن ڀاتين سَختي سان مُخَالَفَت ڪئي پر مَدَني ماحول جي ڪشش ۽ عاشِقانِ رَسُول جو حُسنِ سُلُوڪ ان ڪي دعوتِ اِسلامي جي ويتر قريب ڪندو ويو، مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيندڙ سُنَّتن ڀرين بَيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان اميد وڌي ۽ حَوْصَلو ملندو ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آهستہ آهستہ ان جي گهر ۾ بہ مَدَني ماحول بڻجي ويو.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
اگر دردِ سر ہو، کہیں کینسر ہو دِلائے گا تُم کو شفا مَدَنی ماحول
شفائیں ملیں گی، بَلائیں ٹلیں گی یقیناً ہے بَرکت بَھرا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ڪامِل مُسلمان ھئڻ جي لاءِ مَحَبَّتِ رَسول جو ھئڻ ايتري قدر لازِم ۽ ضروري آھي جو نبي ڪريم،رَءُوْفٌ رَّحِيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرْشاد فرمايائون: توھان مان ڪو ان وقت تائين (ڪامل) مؤمِن نٿو ٿي سگھي جيستائين مان ان جي ويجھو ان جي والِد، اَولاد ۽ تَمام ماڻھن کان وڌيڪ مَحبُوب نہ ٿيان.( بخاري،ڪتاب الايمان ، باب حب الرسول... الخ،١٧/١،حديث:١٥)

مَحَبَّتِ رَسُول جي تقاضا آھي تہ اسان ساداتِ ڪرام سان بہ مَحَبَّت ۽ عقيدت رکون ڇو تہ سيد سڳورن جي تَوھين ۽ گستاخي ڪري، انھن سان دُشمني رکي يا ڪنھن بہ طريقي سان انھن جي بي اَدَبي ڪري تہ يقيناً اھڙو شخص پنھنجي ھن مَحَبَّتِ رسول جي دعوي ۾ ڪوڙو آھي ۽ پنھنجي ان عمل سان نہ رڳو انھن کي بلڪ انھن جي جَدِّ امجد، مٺي مڪي مَدَني محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بہ ناراض ڪري ٿو ۽ اُنھن کي اَذِيت پھچائي ٿو، جيئن

حضرت سَيدُناشَيخ ابُوالمَواھب شاذِلي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جو شخص نبي مُڪرَّم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِيارت ڪرڻ چاھي ٿو تہ ان کي گھرجي تہ ڏينھن ھجي يا رات حُضُور سَيدِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪثرت سان ذِڪر ڪندو رھي ۽ سادات ۽ اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيهم اَجْمَعِين سان مَحبَّت رکي نہ تہ خَواب (۾ زِيارت) جو دَروازو ان تي بند آھي، ڇوتہ اھي نُفوسِ قُدْسِيہ تمام ماڻھن جا سَردار آھن، اھي جن کان ناراض ٿيند آھن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ اُن کان ناراض ٿي ويندا آھن.(افضل الصلوات علي سيد السادات ،ص١٢٧)

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَھلسنّت مَوْلانا شاھ اِمام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: ساداتِ ڪرام جي تعظيم(Respect) فَرْض آھي ۽ انھن جي تَوھين حرام، بلڪ عالم سڳورن اِرشاد فرمايو: جيڪو ڪنھن عالِم کي (مَولَويا) يا ڪنھن مِير (سَيد) کي مِيروا بَروَجہ تَحقِير (يعني حَقارت سان) چئي ڪافِر آھي.
(فتاويٰ رضويه،٢٢/٤٢٠)

اچو! ان باري ۾ هڪ سبق آموز حِڪايت ٻڌو ۽ ساداتِ ڪرام جي ناراضي ۽ بي اَدَبي ۽ مُصطَفٰي ڪريم جي ناراضي سان الله تعاليٰ جي پناهہ طَلَب ڪريو جيئن تہ

## سَيد سڳوري کي مارڻ جي عجيب حڪايت

سَيدي عَبدُ الوَهاب شعَراني رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: سَيد شريف پاڻ حضرت خَطّاب رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي خانقاهہ ۾ بَيان ڪيو ويو تہ ڪاشِفُ البُحَيره هڪ سَيد سڳوري کي ماريو تہ ان کي انهيءَ رات خواب ۾ جنابِ رِسالتِ مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان حال ۾ زِيارت ٿي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان اِعرَاض ڪري رهيا آهن (يعني رُخ اَنوَر ڦيري رهيا آهن).ان عَرْض ڪيو: يارَسُولَ اللهصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجو ڪهڙو گناهہ آهي؟ فرمايائون: تون مون کي مارين ٿو، جڏهن تہ مان قِيامت جي ڏينهن تنهنجو شَفِيع (يعني شَفاعَت ڪرڻ وارو) آهيان. ان عَرض ڪيو، يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! مون کي ياد ناهي تہ مون اوهان کي ماريو آهي. اِرشاد فرمايائون: ڇا تو منهنجي اَولاد کي ناهي ماريو؟ ان عَرض ڪيو: ها. فرمايائون: تنهنجي ضَرب (مار) منهنجي ئي ڪارائي تي لڳي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مُبارَڪ ڪارائي ڪڍي ڏيکاري جنهن تي وَرم (Swelling) هو جڻ تہ ماکي جي مک ڏنگ هنيو هجي. اسان الله تعاليٰ کان عافِيت جو سُوال ڪريون ٿا. (برکاتِ آلِ رسول،ص ۲۶۷-۲۶۸)

مَحفوظ سَدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے　　　اور مجھ سے بھی سَر زَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۱۵)

## مجلس مڪتبة المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ساداتِ ڪرام جو مُعَامَلو وڏو ئي نازُڪ آهي جو بَدبخت انهن کي اَذِيت ڏي ٿو تہ حقيقت ۾ اهو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

ڪي تڪليف پهچائي ٿو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي وٺندو آهي ۽ ائين هو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لُطف ۽ ڪرم سان مَحروم ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اسان ڪي ڪپي تہ اسان تمام مسلمانن بالخُصوص ساداتِ ڪرام جو اَدَب ڪريون، انهن ڪي اَذِيت ڏيڻ ڪان بچندا رهون ۽ هي مَدَني سوچ ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دعوتِ اسلامي104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي، انهي شعبن ۾ هڪ شعبو مڪتبة المدينہ بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو آغاز ١۴٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ فرمايو ۽ سڀ ڪان پهريان بيانن جون آڊيو ڪيسيٽون جاري ڪيون ويون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ ان مختصر عرصي ۾ جيڪا ترقي ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي، هن مُختَصَر عرصي ۾ مڪتبة المدينہ تان جتي سُنّتن ڀريا بيان ۽ ميموري ڪارڊز سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيا آهن، اتي سَرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة جا ڪتاب بہ ڇپجي لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي سُنتن جا گُل مهڪائي رهيا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ جا 45ذيلي شعبا قائم ٿي چڪا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تُجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَبِيعُ الاَوَّل جو نُوراني مهينو پنهنجون بَرڪتون لُٽائي رهيو آهي ۽ پنهنجي اِختِتَام ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان ڪان

بعد رَبِيعُ الآخِر جو مُبارَڪ مهينو جَلْوَه گر ٿيڻ وارو آهي، جنهن کي قُطبِ رَبّاني ،مَحبوبِ سُبحاني، پِيرِ لاثاني شَيخ عَبْدُالقادِرجِيلانيرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه سان خاص نِسْبَت حاصِل آهي.الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کي جتي بين کوڙ خُوبين سان نوازيو هو اتي اها بي مثال خُوبي بہ سندن وُجودِ مَسعود جو حِصّو هئي جو پاڻ سادات ڪرام جي گهراڻي کان تَعَلُّق رکڻ وارا حَسَنِي ۽ حُسَينِي سَيد هوا. اچو! سندن مُخْتَصَرذڪر خَير ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## غَوثِ پاڪ جو نالو ۽ نَسَب

حضرت سيدُنا غَوثُ الاَعظَم شَيخ عبدُالقادِرجِيلاني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وِلادَتِ باسَعادَت پهرين رَمَضان ۴۷۰ھ جُمعَةُ المُبارَڪ جو جِيلان ۾ ٿي. سندن ڪُنيت ابُومحّمد آهي جڏهن تہ مُحِي الدّين، مَحبوبِ سُبحاني، غَوثِ اَعظَم، غَوثِ ثَقَلَين وغيره سندن لقب آهن. پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي والِدِ مُحتَرَم جو نالو حضرت سَيدُنا ابُو صالِح مُوسيٰ جَنگي دوست ۽ والِده مُحتَرَمَہ جو نالو اُمُّ الخَير فَاطِمَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا آهي، اوهان والِد جي طرف کان حَسَنِي ۽ امڙ سائينءَ جي طرفان حُسَينِي سَيد آهن. (شرح شجره قادريه رضويه عطاريه،ص۸۳) رَبِيعُ الآخِر 561 سنِ هجري ۾ بعد نَمازِ مَغرِب سندن وِصال مُبارَڪ ٿيو.(الزيل علي طبقات الحنابلة، ۲۵۱/۳)

تُو حُسَيْنِی حَسَنِی کیوں نہ مُحِیُّ الدِّیں ہو        اے خِضَر مَجْمَعِ بَحْرَیْن ہے چَشْمَہ تیرا
(حدائقِ بخشش،ص۱۹)

مختصر وضاحت:اي اسان جا غوث پاڪ توهان پنهنجي والدِ ماجد جي طرف کان حضرت سيدنا امام حسن جڏهن تہ والده ماجده جي طرف کان حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي اولاد آهيو تہ پوءِ اوهان دين اسلام کي زندگي بخشڻ وار ڪيئن نہ هوندوء اي محبوب جي امت جا خضر! اوهان جي روحاني چشمي جو فيض انهن ٻن دريائن مان جاري ۽ ساري آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ساداتِ ڪرام جا فضائل ۽ خوبيون ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪئي، جيئن اسان ٻڌو تہ

❖ ساداتِ ڪرام جي خدمت ڪرڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رَسُول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪرم نوازِين جا حَق دار ٿيندا آهن.

❖ ساداتِ ڪرام جي خدمت جي بَرَڪت سان هڪ غير مُسلِم کي اِيمان جي دَوْلت نصيب ٿي.

❖ ساداتِ ڪرام کان سَيد هئڻ جو ثُبوت طَلَب ڪرڻ ناراضي مُصطَفٰي جو سبب آهي.

❖ ساداتِ ڪرام جي خَير خَواهي ۽ انهن جو ادب ڪرڻ ۾ بُزرْگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جو ڪردار اسان جي لاءِ مَشْعلِ راهہ آهي.

❖ ساداتِ ڪرام جي تعظيم فَرض آهي ۽ اُنهن جي تَوهين حرام آهي.

❖ ساداتِ ڪرام کي اَذِيت ڏيڻ وارو حقيقت ۾ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اَذِيت ڏي ٿو.

الله تعاليٰ غَوثِ پاڪ جي طُفَيل اسان کي ساداتِ ڪرام جي اَهمِّيت کي سمجهڻ، انهن جي خَير خواهي ڪرڻ ۽ انهن جو خوب خوب اَدب ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتيں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نِڇ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جي رسالي "101مدني گل" مان نِڇ ( يعني ڇڪ) ڏيڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا :

پهريان ٻہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪيو: ❁ الله عَزَّوَجَلَّ کي نِڇ پسند آهي ۽ اوٻاسي پسند ناهي. ( بخاری،۴/۱۶۳،حدیث:۶۲۲۶) ❁ جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: اللهعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (معجم کبیر،۱۱/۳۵۸،حدیث:۱۲۲۸۴) ❁ نڇ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، نِڇ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. ( رَدُّالمُحتار،۹/۶۸۴ ) ❁ نِڇ اچڻ وقت اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان نڇ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤکده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ❁ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو نڇ ڏيڻ وارو ٻڌي. ( بہارِشریعت،حصّہ۱۶،/۱۱۹) ❁ جواب ٻڌي نِڇ ڏيڻ وارو چوي: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: " يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ" (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاویٰ ہندیۃ،۵/۳۲۶) ❁ جيڪو نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. (مرآۃ المناجیح،۶/۳۹۶)

۞ **حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم **فرمائن ٿا: جيڪو نِڇ اچڻ تي** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَال **چوي ته اُهو ڏاڙهه ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن به مبتلا نه ٿيندو.**[1] **﴿9﴾ نِڇ ڏيڻ واري کي گهرجي ته ڏاڍيان حمد ڪري ته جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏي.** (ردالمحتار ج 9 ص 684) **﴿10﴾ نِڇ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيون نِڇ اچي ۽ اُهو** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ **چوي ته ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي.** (عالمگيري ج 5 ص 326) **﴿11﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن نِڇ ڏيڻ وارو** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ **چوي ۽ جيڪڏهن حمد نه ڪري ته جواب ناهي.** (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) **﴿12﴾ خطبي جي وقت ڪنهن کي نِڇ اچي ته ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نه ڏي.** (فتاوي قاضي خان ج 2 ص 377)

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

**طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ** مكتبة المدينه **جي شايع ٿيل ڪتاب** 312 **صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو** 16 ۽ 120 **صفحن جو ڪتاب"سنتيں ءآداب"** هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

تم مَدَنی قافلوں میں اے اسلامی بھائیو! کرتے رہو ہمیشہ سَفَر خُوشدِلی کے ساتھ

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

---

1 . . . مرقاة المفاتيح، ٨/٤٩٩، تحت الحديث: ٤٧٣٩

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه

---

1 . . . افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151 ملخصًا

معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الۡھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2...القول البديع، الباب الثاني، ص277،

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

3 ...مجمع الزوائد، كتاب الادعية، باب فی كيفية الصلاة... الخ، 254/10، حديث: 17305

www.dawateislami.net

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد